★★

ABC Certified DAILY AAS HYDERABAD

روزاني آس حيدرآباد

dailyaashyd@gmail.com

(سال 15) خميس پهرين سيپٽمبر 2022ع بمطابق 04 صفر المظفر 1444ھ (شمارو 238) قيمت 15 رپيا)

توهين عدالت ڪيس، عمران خان کي وڌو رليف، هفتي جي اندر ٻيهر جواب داخل ڪرائڻ جو حڪم

چيف جسٽس اطهر من الله جي سربراهي ۾ پنج رڪني لارجر بينچ ٺاهي وئي، عمران خان ذاتي حيثيت ۾ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ پيش، سيڪيورٽي جا سخت انتظام ڪيا ويا

توهان جيڪو لکت ۾ جواب جمع ڪرايو آهي ان جي اميد نه هئي، عدالت کي اها اميد هئي ته توهان هيڏانهن اچڻ کان اڳ عدليا جو اعتماد وڌائيندئو: چيف جسٽس اطهر من الله

هڪ سياسي پارٽي کي قانون ۽ آئين جي حڪمراني تي يقين رکڻ گهرجي، لکت واري جواب سان مونکي ذاتي طور تي ڏک پهتو، ماتحت عدليا ڏکين حالتن مان گذري رهي آهي

عمران خان جي تمام گهڻي فين فالوونگ آهي، ان جهڙي ليڊر کي سوچي سمجهي ڳالهائڻ گهرجي، مان پراميد هئس ته ڪيس احساس ٿيندو ته غلطي ٿي وئي

ڇا تشدد جي ننڍڙي شڪايت به هجي ته جيل اختيارين جوابدار کي بنا ميڊيڪل داخل ڪندين آهن؟ هي پيٽيشن اسلام آباد هاءِ ڪورٽ مان ڪڏهن اڪلائي وئي ۽ تقرير ڪڏهن ڪئي وئي؟

جڏهن معاملو پڙهائي هيٺ هجي ۽ وري اهو انصاف جي فراهمي جو معاملو هجي ته اهو اهم آهي، عمران خان عوامي جلسي ۾ چيو ته عدالت 12 هين وڳي ڇو کلي، ڪنهن کي به اهو ٻڌائڻ جي ضرورت ناهي ته عدالت ڇو کلي

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ عورت جج کي ڌمڪائڻ بابت توهين عدالت واري ڪيس ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان کي ستن ڏينهن ۾ جواب جمع ڪرائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو. پي ٽي آءِ چيئرمين عدالتي حڪم تي ذاتي حيثيت ۾ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ پيش ٿيو. توهين عدالت واري ڪيس تي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس اطهر من الله جي سربراهي ۾ پنج رڪني لارجر بينچ ٺاهي وئي، ٻڌڻي دوران عمران خان جي وڪيل روسٽرم تي آيو جنهن تي چيف جسٽس رمارڪس ڏيندي چيو ته توهان عمران خان جي وڪيل هئڻ سان گڏوگڏ عدالت جا مددگار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

سکر: پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري پرڏيهي سفيرن کي جهاز مان ٻوڏ متاثر علائقن جو دورو ڪرائيندي

خيبرپختونخواهه لاءِ 10 ارب روپيه امداد جو اعلان، پرڏيهي ملڪن مان امداد پهچي رهي آهي: وزيراعظم

خيبرپختونخواهه جا درياءَ پرجي ويا آهن ۽ سنڌ جا ڳوٺ مڪمل طور تي تباهه ٿي چڪا آهن، جڏهن ته فصل متاثر ٿيا آهن. 7 لک جانور پاڻي ۾ ٻڏي ويا

اين ڊي ايم اي، پي ڊي ايم اي، صوبائي حڪومتون ۽ پاڪ فوج طرفان ڪنيل قدمن تي کين داد ڏيان ٿو، ٻوڏ ۽ برساتن سبب تمام گهڻي تباهي ٿي آهي

امدادي ڪمن، فنڊز جي منتقلي، متاثرين جي بحالي ۽ امدادي ڪمن جي پاڻ نگراني ڪندس ۽ ٻوڏ متاثرين ۾ امداد جي ورهاست واري عمل کي شفاف بڻائيندس: وزيراعظم

غير قانوني تعميرات سبب تباهي ٿي ڇو ته ماڻهن درياءَ جي متن ۾ اندر تعميرات ڪئي هئي، آرمي چيف سياحن جي منتقلي لاءِ هيلي ڪاپٽر فراهم ڪيا آهن

سياحتي رات تائين ماڻهن جي محفوظ هنڌن ڏانهن منتقلي جو عمل مڪمل ٿي ويندو، الله ڪري آءِ ايم ايف جو اهو پروگرام آخري هجي، اسان کي هن مشڪل حالتن مان نڪرڻو پوندو

ترڪي، ايران ۽ متحده عرب امارات جا صدر رابطي ۾ آهن، پرڏيهي ملڪن کان ڏينهن رات جهاز سامان آڻي رهيا آهن: سوات ۾ صحافين سان ڳالهيون

سوات (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف خيبرپختونخواهه لاءِ 10 ارب روپيه امداد ڏيڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. وزيراعظم شهباز شريف خيبرپختونخواهه جي ٻوڏ متاثر علائقن جو دورو ڪرڻ کان پوءِ صحافين سان ڳالهيون ڪندي چيو ته امدادي ڪمن، فنڊز جي منتقلي، متاثرين جي بحالي ۽ امدادي ڪمن جي پاڻ نگراني ڪندس ۽ ٻوڏ متاثرين ۾ امداد جي ورهاست واري عمل کي شفاف بڻائيندس. هن چيو ته غير قانوني تعميرات سبب تباهي ٿي ڇو ته ماڻهن درياءَ جي متن ۾ اندر تعميرات ڪئي هئي، آرمي چيف سياحن جي منتقلي لاءِ هيلي ڪاپٽر فراهم ڪيا آهن. شهباز شريف چيو ته خيبرپختونخواهه جا درياءَ پرجي ويا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

سوات: وزيراعظم شهباز شريف ٻوڏ متاثرن کي خطاب ڪندي

سکر ۽ گڊو بئراجن تي ٻوڏ سبب ڊرينيج سسٽم ڪم نه پيو ڪري: بلاول

سکر ۾ پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري جي صدارت هيٺ ڊونر ادارن ۽ سفارتڪارن جو اهم اجلاس، وڏي وزير ۽ وفاقي وزير خورشيد شاهه به شريڪ

هي پهرين ٻوڏ آهي جنهن ۾ ڪچي ۽ پڪي جا علائقا ٻڏي ويا، صوبي ۾ وڏي پيماني تي روڊ نيٽ ورڪ ختم ٿي ويو آهي: بلاول ڀٽو زرداري

روڊن جي بحالي تي 860 ملين رپيا خرچ ٿيندو، اسان کي زراعت، روڊ نيٽ ورڪ، ماڻهن جو روزگار ۽ معيشت بحال ڪرڻي آهي

سکر (م ڊ) سکر ۾ پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري جي صدارت هيٺ ڊونر ادارن ۽ سفارتڪارن جو اهم اجلاس ٿيو آهي. اجلاس ۾ وڏو وزير مراد علي شاهه، وفاقي وزير خورشيد شاهه ۽ مختلف ملڪن جي سفارتڪارن شرڪت ڪئي. بلاول ڀٽو زرداري اجلاس کي خطاب دوران چيو آهي ته سکر ۽ گڊو بئراجن تي مشاهدين درجي جي ٻوڏ سبب ڊرينيج سسٽم ڪم نه پيو ڪري، هي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

نوشهره، ٻوڏ سبب متاثر 36 اقليتي خاندان گهرن کان محروم

متاثر خاندانن کي مقامي چرچ اسڪول منتقل ڪيو ويو، وقت تي ڪاڏي ۽ پرگهور ڪان محروم ٻڌيل

چرچ ۾ موجود ٻارڙا به پنهنجا گهر بحال ڪرڻ چاهين ٿا، ڪنٽونمينٽ بورڊ پاران امدادي سامان ورهايو ويو

نوشهره (ويب ڊيسڪ) نوشهره ۾ به ٻوڏ سبب 36 اقليتي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

ڊالر ريٽ، 221 روپين تي اچي ويو، اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ مثبت رجحان

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستاني رپئي جي مقابلي ۾ آمريڪي ڊالر جي قدر ۾ گهٽتائي شروع ٿي وئي آهي ڪالهه صبح ڪاروبار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريس ايندڙ هفتي پاڪستان جو دورو ڪندو

سيڪريٽري جنرل پاڪستان ۾ ٻوڏ صورتحال کي ڌيان ۾ رکندي ايڪجهتي جي اظهار لاءِ ايندڙ هفتي پاڪستان جو دورو ڪندو: ترجمان

پاڪستان ۾ بدترين ٻوڏ جي صورتحال سبب لکين انسان ڏکين حالتن کي منهن ڏئي رهيا آهن

سيڪريٽري جنرل موسمياتي تباهي جي نتيجي ۾ سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيندڙ علائقن جو دورو ڪندو: ذريعا

نيويارڪ (م ڊ) گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريس ايندڙ هفتي پاڪستان جو دورو ڪندو. عالمي اداري جي ترجمان طرفان ٽوئيٽر تي جاري ڪيل بيان ۾ ان ڳالهه جي تصديق ڪئي وئي آهي ته سيڪريٽري جنرل پاڪستان ۾ ٻوڏ صورتحال کي ڌيان ۾ رکندي ايڪجهتي جي اظهار لاءِ ايندڙ هفتي پاڪستان جو دورو ڪندو. ترجمان جو چوڻ آهي ته پاڪستان ۾ بدترين ٻوڏ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

عمران خان خلاف عدالتي فيصلو آيو ته پوءِ فيصلو عوام ڪندو: فواد چوڌري

اوهان ته عمران خان عوام کي روڪي رکيو آهي جيڪڏهن عدالت ۾ عمران خان خلاف فيصلو آيو ته پوءِ فيصلو عوام ڪندو

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

پارٽ سان واپار ۽ دوحا ۾ ٿيل اجلاس سواليه نشان آهن: شيخ رشيد

راولپنڊي (م ڊ) اڳوڻي وفاقي گهرو وزير شيخ رشيد چيو آهي ته ڀارت سان واپار ۽ دوحا ۾ شڪي اجلاس سواليه نشان آهن. شيخ رشيد پنهنجي ٽوئيٽر اڪائونٽ تي لکيو ته بلاول هڪ ڪلاڪ ۾ ڪروڙين روپين جو چندو ولي دنيا کي حيران ڪري ڇڏيو آهي، سنڌ جو ڪوبه وزير عوام ۾ وڃڻ جي جرئت نه پيو ڪري. ٻوڏ تباهي تي به ڪميٽي جي مشهوري جو مقابلو جاري آهي. شيخ رشيد چيو ته 25 ڪلو ميٽر جي خيراتي حڪومت نه اندازو لڳائي سگهي نه ٿي وري منصوبه بندي ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

فواد چوڌري جهڙن خود فريبن جو لشڪر عمران کي ٻوڙيندو: ناصر شاهه

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت جي وزير سيد ناصر حسين شاهه پي ٽي آءِ اڳواڻ فواد چوڌري جي بيان تي ردعمل ڏيندي چيو آهي ته لڳي ٿو ته فرعونيت رڳو عمران خان ۾ ناهي ۾ فواد چوڌري به ذهني توازن وڃائي چڪو آهي. هن چيو ته عمران خان جو شهيد ڀٽو سان ڪهڙو مقابلو آهي؟ ڪٿي راجا پورس ڪٿي گنگا تيلي. اسلام آباد ۾ اسلامي سربراهي ڪانفرنس 73 جو متفقه آئين ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

نواز شريف جي معاملي ۾ مقبوليت جو پيمانو ڪٿي هو: مريم اورنگزيب

عمران خان کي 7 ڏينهن جي مهلت ملي ته دانيال عزيز، طلال چوڌري ۽ نهال هاشمي کي به ملڻ گهرجي

جيڪڏهن اڄ فيصلو صحيح آهي ته انهن فيصلن کي به صحيح ڪيو وڃي

اسلام آباد (م ڊ) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير مريم اورنگزيب چيو آهي ته جيڪڏهن مقبوليت تي انصاف جو پيمانو آهي ته اڳوڻي وزيراعظم نواز شريف جي معاملي ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

انتظاميا جي رٿ سر ڪارروائي سبب سوين ڳوٺ ٻڏڻ کان بچي ويا آهن: شرجيل ميمڻ

برسات متاثر علائقن جا مسلسل دورا ڪري رهيو آهيان ۽ متاثرين جي ريسڪيو ۽ رليف لاءِ سمورا وسيلا ڪتب آندا پيا وڃن

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) صوبائي وزير اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته انتظاميا جي رٿ سر ڪارروائي سبب سوين ڳوٺ ٻڏڻ کان بچي ويا آهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

خيرپور ناٿن شاهه شهر ۾ ٻوڏ جو پاڻي داخل، شهري ننڍڙا ٽڪا ٻٽيل، چونڊيل نمائندن اپاءُ نه ورتا

گذريل رات خدا واهه کي مختلف هنڌن تان گهارا لڳڻ سبب خيرپور ناٿن شاهه ۾ ٻوڏ جو پاڻي تيزي سان داخل ٿي ويو

پاڻي ميرحسن روڊ، جيجل ماءُ اسپتال، شهباز ڪالوني، رحمت الله ڪالوني ۽ ٻين ڪالونين ڏانهن تيزي سان وڌڻ لڳو

سمورو شهر خالي ٿي ويو، انتظاميا توڙي چونڊيل نمائندن شهر کي بچائڻ لاءِ ڪي به اپاءُ نه ورتا، شهري ننڍڙا ٽڪا ٻٽيل

خيرپور ناٿن شاهه (م ڊ) خيرپور ناٿن شاهه جي رهواسين کي 2010 واري ٻوڏ جو صدمو اڃان وسريو ئي ڪونه هيو ته وري نا اهل حڪمران هڪ ڀيرو ٻيهر خيرپور ناٿن شاهه کي هٿ سان ٻوڙي ڇڏيو. گذريل رات خدا واهه کي مختلف هنڌن تان گهارا لڳڻ سبب خيرپور ناٿن شاهه ۾ ٻوڏ جو پاڻي تيزي سان داخل ٿي ويو آهي جڏهن ته ٻوڏ جو پاڻي هن مهل انڊس هاءِ وي کان شهر جي مختلف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

ميهڙ: شهر جي چوڌاري رنگ بند ٻڌڻ دوران شهري ۽ ڳوٺاڻا پنهنجي مدد پاڻ تحت ڪم ڪندي

اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ پيشي لاءِ سيڪيورٽي آرڊر جاري

اسلام آباد (م ڊ) اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جا اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ پيشي لاءِ سيڪيورٽي آرڊر جاري ڪيا ويا آهن. رپورٽ موجب اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ پيشي جي موقعي تي هڪ هزار ننڍي رينڪ جا آفيسر ۽ اهلڪار مقرر ڪيا ويا آهن جڏهن ته 3 ايس پي، 9 ڊي ايس پي ۽ ڊي ايس پي سيڪيورٽي تي مقرر هوندا. سيڪيورٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

دريائي وهڪرن ۾ واڌ، گڊو ۽ سکر وٽ مٿاهين درجي جي ٻوڏ

گڊو بئراج وٽ وهڪرا وڌي 5 لک 21 هزار 645 ڪيوسڪ، سکر بئراج وٽ وهڪرا 24 ڪلاڪن کان 5 لک 29 هزار 817 ڪيوسڪ تي بيٺل

ڪوٽڙي بئراج وٽ به وچولي ٻوڏ برقرار آهي، وهڪرا وڌي 3 لک 87 هزار 992 ڪيوسڪ ٿي ويا، تونسا بئراج وٽ وهڪرن ۾ هورين هورين لاٿ جاري

تربيلا جا وهڪرا معمول تي اچي ويا، ڪابل ندي، ڪالاباغ ۽ چشما بئراجن وٽ به دريائي وهڪرن ۾ تيزي سان لاٿ رڪارڊ ٿي

سکر (بيورو رپورٽ) سنڌو جي وهڪرن ۾ لاڳيتو واڌ جاري آهي، گڊو ۽ سکر بئراج وٽ مٿاهين درجي جي ٻوڏ برقرار آهي. گڊو بئراج وٽ وهڪرا وڌي 5 لک 21 هزار 645 ڪيوسڪ ٿي ويا، سکر بئراج وٽ سنڌو جا وهڪرا 24 ڪلاڪن کان 5 لک 29 هزار 817 ڪيوسڪ تي بيٺل آهي. ڪوٽڙي بئراج وٽ به وچولي ٻوڏ برقرار آهي، وهڪرا وڌي 3 لک 87 هزار 992 ڪيوسڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

نيپرا بجلي جي قيمتن ۾ 4 روپيه 34 پئسا واڌ جي منظوري ڏئي ڇڏي

سي پي پي اي بجلي جي قيمتن ۾ 4 روپيه 68 پئسا واڌ جي درخواست داخل ڪئي هئي، جنهن تي نيپرا فيصلو جاري ڪيو

آر ايل اين جي ڪوٽ سبب 5 ارب 93 ڪروڙ جو نقصان ٿيو، سسٽم ۾ خرابين سبب 46 ڪروڙ کان وڌيڪ جو نقصان ٿيو: اختياريون

سي پي پي اي 4 روپيه 69 پئسا اضافو گهريو آهي، قيمتن ۾ واڌ جي منظوري جولاءِ جي ماهوار فيول ايڊجسٽمينٽ چارجز جي مد ۾ ڏني وئي

اسلام آباد (م ڊ) بجلي جي قيمتن ۾ ٻيهر وڏو اضافو، نيپرا بجلي 4 روپيه 34 پئسا مهانگي ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي. رپورٽ موجب حڪومت هڪ دفعو ٻيهر مهانگائي جي ستايل عوام مٿان بجلي جو بم ڪيرائي ڇڏيو. نيشنل اليڪٽرڪ پاور ريگيوليٽري اٿارٽي (نيپرا) بجلي جي في يونٽ قيمت ۾ واڌ اضافي جي منظوري ڏئي ڇڏي. فريعن موجب سي پي پي اي بجلي جي قيمتن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

اقتصادي رابطه ڪميٽي ٻوڏ متاثرين لاءِ 25 هزار روپيه في خاندان امداد جي منظوري ڏئي ڇڏي

راولپنڊي (م ڊ) اقتصادي رابطه ڪميٽي ٻوڏ متاثرين جي لاءِ 25 هزار روپيه في خاندان امداد جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي. ناڻي واري وزير مفتاح اسماعيل جي صدارت هيٺ ٿيندڙ اقتصادي رابطه ڪميٽي جي اجلاس ۾ ٻوڏ متاثرين جي لاءِ امداد جي منظوري ڏني وئي. اجلاس ۾ جي ٽوئنٽي ملڪن کان قرض وٺڻ لاءِ قدم کڻڻ ۽ آءِ ايم ايف تيمر جي دوري لاءِ انتظامي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

اسلام آباد: ناڻي واري وزير مفتاح اسماعيل سان عالمي اداري جو وفد ملاقات ڪندي

شهباز گل ۽ حليم عادل تي سخت تشدد ڪيو پيو وڃي: علي زيدي

اسان سڀني تي دهشتگردي جا ڪيس داخل ڪيا ويا آهن، هڪ ڪيس ۾ آزاد ٿيڻ بعد حليم عادل ٻئي ڪيس ۾ گرفتار آهي

سڄي سنڌ ۾ ماڻهو هن وقت ڏکيائن کي منهن ڏئي رهيا آهن، 50.50 رپيا متاثرن ۾ ورهائي جذبات سان کيڏيو پيو وڃي

ڪراچي (رپورٽر) اڳوڻي وفاقي وزير علي زيدي جو چوڻ آهي ته شهباز گل ۽ حليم عادل تي سخت تشدد ڪيو پيو وڃي، ان معاملي تي انساني حقن جي تنظيم جي خاموشي سواليه نشان آهي. پي ٽي آءِ اڳواڻن سان گڏ انصاف هائوس ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي اڳوڻي وفاقي وزير علي زيدي چيو ته اسان سڀني تي دهشتگردي جا ڪيس داخل ڪيا ويا آهن، هو چيو ته هڪ ڪيس ۾ آزاد ٿيڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ميهڙ شهر جي بچاءُ لاءِ ٺهندڙ رنگ بند سان پاڻي ٽڪرائجي ويو

پاڻي پمپ ۽ پٽي روڊ کي ٻوڙڻ بعد رنگ بند تائين پهچي ويو، شهرين جو ساهه مٺ ۾

رنگ بند تان پاڻي جو دٻاءُ گهٽائڻ لاءِ پٽي روڊ کي ٻن هنڌن تان ڪٽ ڏنو ويو

ميهڙ: شهر بند کي گهاري جو پاڻي ميهڙ شهر جي بچاءُ لاءِ ٺهندڙ رنگ بند سان ٽڪرائجي ويو. پاڻي پمپ ۽ پٽي روڊ کي ٻوڙڻ بعد رنگ بند تائين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ڪي اليڪٽرڪ نيپرا کي بجلي سستي ڪرڻ جي تجويز ڏئي ڇڏي

ڪي اليڪٽرڪ بجلي جي قيمت ۾ 3 رپيا 47 پئسا في يونٽ گهٽتائي جي تجويز ڏني

جولاءِ ۾ پيٽرول جي قيمتن ۾ گهٽتائي آئي هئي برساتن سبب بجلي جي طلب گهٽ ٿي هئي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي کي بجلي فراهم ڪندڙ اداري ڪي اليڪٽرڪ بجلي جي قيمتن ۾ گهٽتائي جي تجويز نيشنل اليڪٽرڪ پاور ريگيوليٽري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

صدر پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ اٿارٽي (ترميمي) بل 2022ع جي منظوري ڏئي ڇڏي

صدر نيشنل ميٽرالوجي انسٽيٽيوٽ آف پاڪستان بل 2022ع جي پڻ منظوري ڏني

اسلام آباد (م ڊ) صدر ڊاڪٽر عارف علوي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ اٿارٽي (ترميمي) بل 2022ع جي منظوري ڏئي ڇڏي، ايوان صدر جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

دادو: صوبائي وزير جام خان شورو ايم اين وي بند جو جائزو وٺي رهيو آهي

نوازليگ جي نائب صدر جو عدالتي فيصلي تي ردعمل، ناراضي سنڌي نه ٿي سگهي: مريم نواز

عمران خان کي مليل رليف تي سوالن مان پيو ڇڪجي، ثابت ٿي ته نواز شريف ۽ ليگ سان ٿيل ناانصافين ۽ زيادتين هڪ ڀيرو وري قبول آهي ...

حقيقت ۾ توهين جي سزا عورت جج کي ملڻ گهرجي جنهن انصاف ڪري عمران خان جي شان ۾ گستاخي ڪئي هئي: ٽوئيٽر تي جاري ڪيل بيان

لاهور (م ڊ) ن ليگ جي مرڪزي نائب صدر مريم نواز چيو آهي ته ناراضي سنڌي نه ٿي سگهي، انصاف جو ٻيو نظام نا منظور عمران خان پهنجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

والاريل ڪشمير ۾ ڀارتي فوج جي رياستي دهشتگردي، وڌيڪ 3 ڪشميري شهيد

ڀارتي فوج ضلعي شوپيان جي علائقي ۾ بربريت جو مظاهرو ڪيو ۽ سرچ آپريشن ڪيو

قابض ڀارتي فوج سرچ آپريشن دوران فائرنگ ڪئي جنهن سبب 3 نوجوان شهيد ٿي ويا

سرينگر (م ڊ) والاريل ڪشمير ۾ ڀارتي فوج جي رياستي دهشتگردي جاري آهي. ڪشمير ميڊيا سروس موجب ڀارتي فوج ضلعي شوپيان جي علائقي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ٻوڏ متاثر علائقن ۾ امدادي سرگرميون ڀرپور طريقي سان جاري آهن: شيري رحمان

سرنڌي دوران ٻوڏ متاثرن جي دل کولي مدد ڪن، سياست کان مٿاهون ٿي ٻوڏ متاثرن جي مدد لاءِ متحد ٿيڻو پوندو

اينتري شدت سان ساڳئي جون برساتون ڪڏهن نه پيون، غير معمولي برساتون ۽ ٻوڏ موسمياتي تبديلي جو نتيجو آهي

اسلام آباد (م ڊ) موسمياتي تبديلي واري وفاقي وزير سينيٽر شيري رحمان چيو آهي ته ٻوڏ متاثر علائقن ۾ امدادي سرگرميون ڀرپور طريقي سان جاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

اسلام آباد: وفاقي وزير اياز صادق اجلاس جي صدارت ڪندي

وفاقي ڪابينا ايران ۽ افغانستان مان بصر، ٽماٽا گهرائڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي

وفاقي ڪابينا مان سرڪيوليشن سمري ذريعي منظوري ورتي وئي، ڀارت کان ٽماٽا ۽ بصر گهرائڻ جو فيصلو ناهي ٿيو: نويد قمر

مارڪيٽ ۾ ڀاڄين جي قيمتن ۾ واڌ سبب دٻاءُ آهي، قيمتن ۾ استحڪام لاءِ ٻن ملڪن کان سامان گهرائڻ جي اجازت ڏني وئي آهي

ايران ۽ افغانستان کان واپار بابت شعبي ڪنهن جي حڪومت سهولتڪاري جو ڪردار ادا ڪندي، پارٽ سان واپار بابت اسٽيڪ هولڊرز سان صلاح مشورو ڪيو ويندو

اسلام آباد (م ڊ) وفاقي ڪابينا ايران ۽ افغانستان مان بصر ۽ ٽماٽا گهرائڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي. مارڪيٽ ۾ ڀاڄين جي قيمتن ۾ واڌ سبب دٻاءُ آهي، قيمتن ۾ استحڪام لاءِ ٻن ملڪن کان سامان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

dailyaasoffical
dailyaasoffical
0322-3921123
0335-7558367
www.dailyaas.com.pk Email-dailyaashyd@gmail.com
ڪراچي آفيس: رابطي لاءِ 10 ڊي 1-ٿانون فلور، فرسٽ جامي ڪمرشل اسٽريٽ، فيز VII ڊي ايڇ اي، ڪراچي. فون نمبر 021-35317757
حيدرآباد آفيس: آفيس 1 بيسمينٽ ممتاز هائٽس نيئر حيدر چوڪ ڳاڙهي کاتو حيدرآباد. فون نمبر 022-2782921

روزاني آس
ايڊيٽر : عاطف صادق

پبلشر اقشان عاطف سمر پرنٽرز جي 1، گرائونڊ فلور بي آر آر ٽاور حسن علي اسٽريٽ، آءِ آءِ چندريگر روڊ مان ڇپرائي آفيس نمبر 1 بيسمينٽ ممتاز هائٽس ڳاڙهي کاتا حيدرآباد مان پڌري

اداريو ۽ راءِ

قرض جو شراب ۽ ٻوڏ جو عذاب

آءِ ايم ايف پاڪستان لاءِ تيئن نئين قرض جي قسط جاري ڪري ڇڏي. هڪ ارب 17 ڪروڙ ڊالر ڪا معمولي رقم ناهي. اهو تمام گهڻو پئسو آهي پر خوف اهو آهي ته اها رقم به اڳين لوڻ پاڻي ٿي ويندي. جيئن هن مهل تائين ٿيندي رهي آهي. آءِ ايم ايف هڪ مالي ادارو آهي. هن جو ڪم ئي اهو آهي ته هو دنيا جي ملڪن کي قرض ڏئي ۽ ان تي وياج ڪمائي. پر اهو ادارو پاڪستان جون حالتون ڏسي ان کي قرض جي قسط ڏيڻ لاءِ راضي نه هو. جيستائين پاڪستان جي موجوده حڪومت آءِ ايم ايف جا سمورا شرط منظور ڪري ورتا. پر پوءِ به آءِ ايم ايف پاڪستان کي پئسا ڏيڻ لاءِ راضي نه پئي ٿيو ان حد تائين جو اسان جي آرمي چيف جنرل قمر باجوا آمريڪا کي به چيو ته هو پنهنجو اثر رسوخ استعمال ڪري پاڪستان کي قرض جي قسط وٺي ڏئي. ان فون تي به وڏو سياسي گوڙ ٿيو جو ته عمران خان جي اها تنقيد هئي ته اهو ڪم آرمي چيف جو ناهي. پلي نه هجي پر جڏهن ملڪ ۾ مال نه هجي ته پوءِ ڇا ڪجي؟ آرمي چيف کي چوڻو پيو پر آرمي چيف جي چوڻ سان به قرض جي ٽڪڙي قسط جاري نه ٿي سگهي. پر جڏهن ملڪ ۾ برسات ٻوڏ جي صورت اختيار ڪري ورتي ۽ ڪروڙين ماڻهو متاثر ٿيا. جڏهن انهن جون تصويرون ۽ انهن جون وڊيوز عالمي ميڊيا تي هلڻ لڳيون. تڏهن آءِ ايم ايف کي به پنهنجي هٽ تان لهڻو پيو ۽ هن امداد ته نه ڏني پر قرض جي قسط ڏيڻ ۾ وقت نه وڃايو. پاڪستان ان کي "دير آيد درست آيد" جيان قبول ڪيو. هن مهل حڪمرانن جي چهرن تي سرهائي آهي ته انهن کي وري قرض ملي ويو آهي. جڏهن ته انهن کي ياد هجڻ گهرجي ته هي قرض پاڪستان جي ڪروڙين ماڻهن پنهنجي جان، مال ۽ گهر گهاٽ جي قرباني ڏئي ورتو آهي.

ان قرض تي حق صرف ۽ صرف ٻوڏ ستايل عوام جو آهي ۽ ٻوڏ ستايلن ۾ سڀ کان وڌيڪ پيڙا سنڌ جي حصي ۾ آئي آهي. سنڌ سڀ کان وڌيڪ سور سهي رهي آهي. ان ڪري قرض جو اهو پئسو حڪمران ڪرپشن ۽ پنهنجين عياشين ۾ هرگز هرگز نه لٽائين. ڇو ته هن مهل تائين پاڪستان جي حڪمرانن جيڪو ڪجهه به ڪيو آهي ۽ انهن جهڙي طرح قرض کڻي ۽ ملڪ کي مقروض بڻائي عياشيون ڪيون آهن. انهن سان نه پاڪستان کي صرف نقصان ٿي پهتو آهي. پاڪستان جي حڪمرانن جو حال ان سلسلي ۾ مرزا غالب جي ان شعر جهڙو رهيو آهي:

"قرض کي پيتي ٿي مئي، ليڪن سمجهتي ٿي ڪه هان
رنگ لاوي گي هماري فاقه مستي ايڪ دن"

انهن حڪمرانن جي فاقا مستيءَ هن مهل تائين ڪو رنگ نه لاٿو اينتو پاڪستان معاشي بحران جي علامت بڻجي ويو. هو هڪ اهڙو ملڪ ٿي ويو. جنهن ملڪ کي عالمي مالي ادارا قرض به ڏيڻ لاءِ تيار نه هئا. ڇا ڪوئي ملڪ ان حد تائين مالي بحران جو شڪار ٿي سگهي ٿو جڏهن ته ان ملڪ جا پنهنجا وسيلا به بهترين هجن ۽ ان ملڪ ۾ ڪا مستقل آفت به نه هجي. پوءِ به جيڪڏهن ملڪ جو اهو حال ٿي وڃي ته پوءِ ان جو صرف ۽ صرف هڪ ئي سبب ٿي سگهي ٿو اهو سبب آهي بيڊ گورننس!

پاڪستان ۾ سڀ کان خراب شيءِ بري حڪمراني ٿي رهي آهي ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته پاڪستان ڪرپشن جي حوالي سان هڪ مشهور ملڪ ٿي ويو آهي ۽ جڏهن به ڪرپشن جو شڪار ملڪن جون لسٽون شايع ٿيون ٿيون ته پاڪستان جو نمبر هميشه مٿي ايندو رهي ٿو پر ڪرپشن به خراب حڪمرانيءَ جو سبب آهي. جيڪڏهن حڪمراني بهتر هجي ته مجال آهي. ڪنهن کي ڪرپشن ڪري سگهي. پر جڏهن حڪمران رنگيلا هجن. تڏهن قرض مان نه جاوا ٿيندا. تڏهن قرض جو پئسو نه سرعام لٽيو ويندو. پاڪستان کي گهڻي وقت کان وٺي عوامي امداد به نه ملندي رهي آهي. جڏهن ته دنيا ۾ هن مهل به تمام گهڻن ملڪن کي امداد ملي رهي آهي. ڇا پاڪستان ان باري ۾ ڪڏهن سوچيو ۽ ويچاريو آهي ته هن کي امداد ڇو نه ٿي ملي؟ پاڪستان کي امداد صرف ان لاءِ نه ٿي ملي جو دنيا جا امير ملڪ سمجهن ٿا ته انهن جي امدادي رقم حقدارن بدران حڪمرانن جي اڪائونٽ ۾ هلي وڃي ٿي. ان ڪري انهن امداد جا در بند ڪري ڇڏيا ۽ الميو اهو آهي ته اڳتي هلي دنيا اسان کي قرض ڏيڻ کان به انڪار ڪري ڇڏيو ان جو سبب به اهو هو ته اهي ادارا اهو سمجهي رهيا هئا ته بري حڪمرانيءَ سبب پاڪستان ڪڏهن به معاشي بحران مان نڪري نه سگهندو ۽ انهن کي پنهنجو قرض وارو پئسو واپس نه ملندو. پاڪستان انهن کي انهن جي پئسي مان وياج جو حصو ڏئي اهو سلسلو اڳتي ٿي پيو هلائيندو ان سلسلي ۾ به اهو ڳالهه بري حڪمرانيءَ جو حوالو آهي.

پاڪستان ۾ هن مهل تائين حڪمراني بهتر ٿي نه سگهي آهي. پيو ته ٺهيو پر هن مهل به پاڪستان بدترين سياسي بحران جو شڪار آهي. ڇو ته ڪجهه مهينا اڳ اقتدار ۾ موجود پارٽي تمام وڏي ۽ مضبوط مخالف ڌر هجڻ جي باوجود به قومي اسيمبليءَ جو مستقل بائيڪاٽ ڪري ويٺي آهي. ملڪ ۾ هڪ تمام وڏي بي يقينيءَ جي صورتحال آهي. اهڙي حال ۾ پاڪستان کي ڪير قرض ڏيندو؟ جڏهن پاڪستان کي قرض ملڻ وارو هجي ۽ اڳوڻو خزاني جو وزير اهڙي فون ڪري. جنهن جي رڪارڊنگ جو پڙلاءُ نه رڳو پاڪستان پر پوري دنيا ۾ گونجي ته پوءِ ان حال ۾ قرض ملڻ جا امڪان ڪيترا نه گهٽجي ويا هئا. پر هن ڀيري مشڪل سان ئي سهي، پاڪستان کي جيڪو قرض مليو آهي. ان ماڻهن جي ڪري مليو آهي. ڇو ته ماڻهو مصيبت ۾ آهن. هاڻي جيڪڏهن اهو قرض حڪمرانن جي شاهه خرچين ۽ خاص طور تي ڪرپشن جي نظر ٿيو ته اهو تمام وڏو الميو هوندو ۽ ان سبب پاڪستان ۾ عوامي بغاوت به پيدا ٿي سگهي ٿي. ڇو ته برسات ستيل ماڻهن جي امداد هن مهل به حڪمرانن کان وڌيڪ عام ماڻهو ڪري رهيا آهن انهن کي پنهنجي قوم جو احساس آهي.

پاڪستان ۾ هن مهل تائين حڪمراني بهتر ٿي نه سگهي آهي. پيو ته ٺهيو پر هن مهل به پاڪستان بدترين سياسي بحران جو شڪار آهي. ڇو ته ڪجهه مهينا اڳ اقتدار ۾ موجود پارٽي تمام وڏي ۽ مضبوط مخالف ڌر هجڻ جي باوجود به قومي اسيمبليءَ جو مستقل بائيڪاٽ ڪري ويٺي آهي. ملڪ ۾ هڪ تمام وڏي بي يقينيءَ جي صورتحال آهي. اهڙي حال ۾ پاڪستان کي ڪير قرض ڏيندو؟ جڏهن پاڪستان کي قرض ملڻ وارو هجي ۽ اڳوڻو خزاني جو وزير اهڙي فون ڪري، جنهن جي رڪارڊنگ جو پڙلاءُ نه رڳو پاڪستان پر پوري دنيا ۾ گونجي ته پوءِ ان حال ۾ قرض ملڻ جا امڪان ڪيترا نه گهٽجي ويا هئا. پر هن ڀيري مشڪل سان ئي سهي، پاڪستان کي جيڪو قرض مليو آهي، ان ماڻهن جي ڪري مليو آهي. ڇو ته ماڻهو مصيبت ۾ آهن. هاڻي جيڪڏهن اهو قرض حڪمرانن جي شاهه خرچين ۽ خاص طور تي ڪرپشن جي نظر ٿيو ته اهو تمام وڏو الميو هوندو ۽ ان سبب پاڪستان ۾ عوامي بغاوت به پيدا ٿي سگهي ٿي. ڇو ته برسات ستيل ماڻهن جي امداد هن مهل به حڪمرانن کان وڌيڪ عام ماڻهو ڪري رهيا آهن. انهن کي پنهنجي قوم جو احساس آهي.

ان ۾ ڪا به حيرت محسوس نه ڪرڻ گهرجي ته هن مهل تائين ڪنهن به حڪمران پنهنجي ذاتي مال مان هڪ ٽڪو به عوام کي نه ڏنو آهي. عوام تمام گهڻي عذاب ۾ آهي. جڏهن ته محلن ۾ رهندڙ حڪمران ڪرڻ چاهين ته ذاتي طور تي به گهڻو ڪجهه ڪري سگهن ٿا. پر افسوس جي ڳالهه اها آهي ته غريب ماڻهو جهڙي تهڙي حال ۾ پنهنجن ڀائرن جي مدد ڪري رهيا آهن پر انهن کان ووٽ وٺڻ وارا حڪمران ۽ سياستدان عوام کي ڪجهه نه ٿا ڏين. پيو ته ٻري رهيو پر تازو سوشل ميڊيا تي فريال ٽالپر جي مڙس ٻوڏ ستايل ماڻهن ۾ جيڪي پنجاهه پنجاهه روپيا ورهايا. ان وڊيو تي جيڪو ردعمل آيو آهي. اهو اسان جي سامهون آهي. پاڪستان ۾ اڳ ڪڏهن به ان قسم جو عوام مٿان عذاب نه آيو آهي ۽ نه وري عوام جو اهڙو ردعمل ميڊيا جي ذريعي ظاهر ٿيو آهي. هن دور جون حالتون هر حوالي سان الڳ آهن. ان ڪري انهن حالتن کي نظر ۾ رکي حڪمرانن کي اهو ڪجهه ڪرڻ گهرجي، جيڪو ملڪ کي ڏچي مان ڪڍي. جيڪڏهن حڪمرانن هن ڀيري به پنهنجي روش تبديل نه ڪئي ته پوءِ پاڪستان تمام وڏي عوامي انارڪيءَ جي ور چڙهي سگهي ٿو. ڇو ته حالتون تمام گهڻيون سنگين آهن. انهن حالتن ۾ ڪا به غلطي ۽ ڪو به گناهه ڪنهن وڏي نقصان جو سبب بڻجي سگهي ٿو.

عمر قاضي

پاڪستان ۾ جيڪو تاريخي زلزلو آيو هو. ان زلزلي ۾ عوام جي حال تي رحم کائي عالمي امداد جا دروازا کلي ويا هئا پر اها ڳالهه ڪنهن به طرح سان فراموش نه ڪرڻ گهرجي ته ان دور ۾ به ڪرپشن جا تمام گهڻا ڪيس سامهون آيا هئا. ان دور ۾ هڪڙا ڪردار اهڙا به هئا. جن ڪرپشن جي ڪري پنهنجو طبقو تبديل ڪيو. انهن عوام جي پئسي مان پنهنجا محل ۽ ماڙا جوڙيا. ڇا پاڪستان جي تاريخ ۾ اهو عمل ڪنهن به طرح سان وسري سگهندو؟ ڇا اهو ممڪن به آهي ته جڏهن هڪ غيرملڪي خاتون پنهنجي ڳچيءَ مان هيرن جو هار لاهي يوسف رضا گيلانيءَ کي ڏنو هو ته هو ان کي به وڪڻي مظلوم ماڻهن جي مدد ڪري. ته اهو هار هن پنهنجي بيگم صاحبه کي تحفي ۾ ڏنو هو ان هار تي جيڪو اسڪينڊل وجود ۾ آيو هو. ان سان پاڪستان جي اڳ ۾ سخت ستايل ساک تمام گهڻي متاثر ٿي هئي ۽ اها ساک هن مهل تائين بحال ٿي سگهي آهي.

پاڪستان هن مهل نه رڳو ملڪي پر غيرملڪي ميڊيا جي به اک ۾ آهي. ان کان سواءِ هر مهل هر ماڻهوءَ جي هٿ ۾ موبائل فون آهي. ان ڪري ڪا به ڪرپشن لڪي نه سگهندي. ان ڪري حڪمرانن کي هن ڀيري به تمام گهڻو احتياط ڪرڻو پوندو ۽ انهن کي اها ڳالهه يقيني بڻائڻي پوندي ته ڪنهن به طرح سان عالمي امداد ۽ خاص طور تي آءِ ايم ايف مان مليل قرض جي حوالي سان ڪو به ڪرپشن جو عمل نه ٿئي. جيڪڏهن هن ڀيري به ٿيو ته اها پاڪستان جي مدي خارج سياسي سسٽم جي آخري غلطي هوندي. پاڪستان هن مهل ان جي اها پلي بڻجي ويو آهي. جنهن تي هڪ ٽنڪو به اينرو بار بڻجي سگهي ٿو جو ان جي پٺ جواب ڏئي ڇڏي. هن مهل عوام عذاب جو شڪار آهي. عذاب جي هن دور ۾ ڪڏهن به ماڻهن جو سان اها ويڌن نه ڪئي وڃي جو انهن جي حق جو حصو جيڪو اصل ۾ قرض جي صورت ۾ مليو آهي. ان جو ڪرپشن وارو شراب پيتو وڃي. اهڙو عمل نه پنهنجي ملڪ جي ٻچڙن جو خون پيئڻ برابر آهي. هونئن به اسان جي سياستدانن کي جيڪي ڪرپشن سبب اڏيتون ۽ عذاب مليا آهن. هاڻي هو انهن ۾ اضافو نه ڪن ته اهو انهن جي لاءِ به بهتر ٿيندو. اسان کي نه صرف ۽ صرف عوام جو فڪر آهي. اهو عوام جنهن جي سور ۽ تڪليف کي لفظن ۾ بيان ڪرڻ اسان جي لاءِ ممڪن ناهي.

حڪومت جا الرٽ ۽ انتظاميه غائب

برساتن سبب جيڪا تباهي ٿي آهي، ان کان پوءِ لکين ماڻهو ڳوٺن ۽ شهرن ۾ ڦاٿل آهن. انهن کي پنهنجي گهرن مان نڪري ڪنهن محفوظ جاءِ پهچڻ ۾ ڪٺين ڏکيائيون پيش اچي رهيون آهن مختلف شهرن ۾ برسات جو پاڻي داخل ٿي رهيو آهي. ماڻهو خوف ۾ ورتل آهن. زميني رابطو ڪٽجڻ ڪري انهن جي رسائي ڪٿي به ڪانه پئي ٿئي. جنهن جي نتيجي ۾ انهن جي زندگي اجا به ڏکي ٿي وڃي آهي. سنڌ جي مختلف شهرن ۾ الرٽ جاري پيا ڪيا وڃن. انهن الرٽ جي ڪري ماڻهو پاڻ کي وڌيڪ غيرمحفوظ سمجهن ٿا. ڇاڪاڻ ته انهن وٽ گهربل تياري ناهي. اهڙي ريت اهي ڪٿي به اچ وڃ نٿا ڪري سگهن. ڏينهن اڳ اهڙي صورتحال ڪي اين شاهه، دادو، ميهڙ ۽ جوهي ۾ نظر آئي.

ٻوڏ جي پاڻي سبب ضلعي هيڊڪوارٽر دادو شهر ۽ جوهيءَ لاءِ خطرو برقرار آهي. جڏهن ته ضلعي انتظاميا ميهڙ، جوهي ۽ خيرپورناٿن شاهه لاءِ ريڊ الرٽ جاري ڪندي شهر خالي ڪرڻ جي وارننگ ڏئي ڇڏي آهي. ڊپٽي ڪمشنر دادو سيد مرتضيٰ علي شاهه جو چوڻ آهي ته پاڻي، جو دباءُ شهر طرف وڌي ويو آهي. جنهن لاءِ ڪي اين شاهه شهر کي خالي ڪرڻ لاءِ ريڊ الرٽ جاري ڪيو ويو آهي. مختلف هنڌن کان گهارا لڳڻ ڪانهه، پاڻي ڪي اين شاهه شهر ڏانهن تيزي سان وڌڻ لڳو آهي. جڏهن ته هزارين ماڻهو ڪي اين شاهه ۾ هن وقت به ڦاٿل آهن. ريڊ الرٽ جاري ٿيڻ ڪانپو علائقي ۾ خوف ڇانيل آهي. ٻئي طرف دادو جي ڪچي واري علائقي ۾ ڦاٿل ماڻهو مرڻ لڳا آهن. انتظاميا ٻيڙيون فراهم ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي. ڪچي واري علائقي فريد خان خشڪ ۾ 2 عورتون ٻوڏ جي پاڻي ۾ ٻڏي فوت ٿي وييون ڳوٺاڻن پنهنجي مدد پاڻ تحت عورتن جا لاش ڪڍي سول اسپتال دادو منتقل ڪيا. فوت ٿيل عورتن جا لاش ضروري ڪارروائي کان پوءِ وارثن حوالي ڪيا ويا. ٻڏي فوت ٿيل عورتن جي وارثن احتجاج ڪندي ٻڌايو ته ڪيترن ئي ڏينهن کان ٻوڏ جي پاڻي ۾ ڦاٿل آهيون. ڪنهن به ڪيڻ لاءِ سار نه لڌي. ايم پي اي کان اسسٽنٽ ڪمشنر کي فون ڪرائي هئي ته ٻيڙيون ڏيو ته اسپتال منتقل ٿيون. پر انتظاميا ٻيڙي فراهم نه ڪئي. هن جيو ته ڦاٿل خاندان ۾ معصوم ٻار ۽ عورتون بکون ڪاٽي رهيا آهن پوئتي 100 کان وڌيڪ ماڻهو ڦاٿل آهن. جلد ڦاٿل ماڻهن کي ريسڪيو ڪيو وڃي ۽ ٻيڙيون فراهم ڪيون وڃن. هوڏانهن پوري ضلعي جي صورتحال انتهائي خراب ٿي وئي آهي. ضلعي انتظاميا متاثر خاندانن کي رليف ڪئمپون تائين ٽينٽ ۽ راشن فراهم به نه ڪري سگهي. هزارين خاندان کليل آسمان هيٺ انڊس هاءِ وي. ايل ايس بند. دادو ڪئنال ۽ دادو مورو روڊ تي بي يارو مددگار ويٺل آهن. هوڏانهن ميهڙ تعلقي جي ڳوٺ کهڙا وليج پرسان سپريو بند کي گنڊيل ڏينهن لڳل گهارو بند ڪرڻ واريون سموريون ڪوششون ناڪام ٿي ويون جنهن کان پوءِ گهارو وڌي 250 سئو فوٽ ٿي ويو.

حڪومت جو ڪم رڳو الرٽ جاري ڪرڻ ناهي پر ان کان پوءِ سمورن ماڻهن جي سار لهڻ به آهي. انهن کي محفوظ هنڌ تي پهچائڻ پڻ آهي. حڪومت پاران الرٽ جاري ڪرڻ کان پوءِ عوام وٽ ڪنهن محفوظ جاءِ تي پهچڻ لاءِ ڪو انتظام ٿيل نه هوندو آهي. اهي پنهنجي مدد پاڻ تحت ڳوٺن ۽ شهرن مان نڪرڻ جي ڪوشش ڪندا رهندا آهن پر ڇا اهڙي صورتحال ۾ حڪومت انهن لاءِ ڪنهن اهڙي جاءِ، ٿي ڪي شهر يا رهائش جو بندوبست ڪري رهي آهي. جتي انهن کي ماني، صحت جون سهولتون، ٻارن لاءِ اسڪول ۽ ضرورت جون ٻيون شيون فراهم ڪيون وڃن. هن وقت تائين اهڙو ڪجهه به نظر ناهي آيو تنهنڪري حڪومت پنهنجون ذميواريون بهتر نموني ڪانه نڀائي. جنهن سان ماڻهن ۾ حڪومت خلاف ڪاوڙ آهي.

اسين سمجهون ٿا ته ڏينهون ڏينهن صورتحال گهڻي خراب ٿي رهي آهي. انهن ماڻهن جي بحالي ڪهڙي ريت ٿيندي. حڪومت وٽ ان لاءِ ڪا به رٿابندي نظر ڪانه ٿي اچي. ان پاسي ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي. آمريڪا ۾ هڪ شهر ڊيٽ ويلي ۾ هزار سالن کان پوءِ برسات تباهي مچائي ڇڏي آهي. ماهرن جو چوڻ آهي ته ايندڙ وقت به اهڙيون برساتون آمريڪا ۾ پونديون. اهڙي ريت سنڌ ۾ به ماحولياتي تبديلين کان ان قسم جي برساتن جو سلسلو جاري رهندو تنهنڪري ايندڙ وقت ۾ ماحول دوست پاليسيون ناهڻ جي ضرورت آهي. جنهن سان نقصان کان بچي سگهجي. عوام کي تحفظ ڏيڻ جي ضرورت آهي. برساتن جي تباهي کان بچڻ لاءِ وڏي پيماني تي رٿابندي لازمي آهي.

برساتن جي تباهي دوران حڪومتي رويو

مشتاق جروار

سنڌ ۾ خراب حڪمرانيءَ جي ڪري سنڌي ماڻهو سدائين مصيبتن جي منهن ۾ رهيا آهن سنڌ تي حڪمراني ڪندڙ ۽ سنڌي ماڻهن جي ووٽن جو ڪٽيو ڪاٽيندڙ پارٽي سنڌي ماڻهن جو پرچهلو ٿيڻ انهن جا ٿڪ سور گهٽائڻ، سنڌ جي ترقي ۽ خوشحالي بدران سنڌي عوام جي ڏکن تڪليفن ايذائن ۽ بربادين جو سبب ٿيڻ سان گلوگلا سنڌ کي تباهه ۽ برباد ڪري سنڌ کي ويران ڪري ڇڏڻ جو ذميوار بڻ رهي آهي.

هڪ پاسي سنڌ ۾ ڌاري آبادڪاري تمام گهڻي وڌي رهي آهي. جنهن سنڌي عوام جي ڪلر سڦر جي وسيلن تي قبضو ڪرڻ سان گلوگلا سنڌ جي اهم ڪاروباري شهرن تي قبضو ڄمائي ورتو آهي. جنهن سبب انهن شهرن ۾ رهندڙ سنڌي ماڻهو مصيبتن جي منهن ۾ هوندا آهن. جنهن جو تازو مثال افغاني پٺاڻن جو سنڌي ماڻهن کي قتل ڪرڻ جا واقعا آهن. ٻئي پاسي وري ان ڌاري آبادڪاريءَ جو سنڌ ۾ مذهب جو ناجائز استعمال ڪري سنڌ ۾ بنياد پرستيءَ کي وڌائڻ ۽ سنڌ ۾ رهندڙ هندن کي سنڌ مان لڏائڻ جون سازشون ٿي رهيون آهن. جيستائين سنڌ لطيف، سچل، سامي، شيخ اياز، جي ايم سيد، رسول بخش پليجي، امرجليل، سراج، تنوير عباسي، رشيد ڀٽي، استاد بخاري، امداد حسيني ۽ ٻين اديبن ۽ شاعرن جي سيڪيولر ۽ روشن خيال فڪر جي هئڻ ڪري سدائين بنيادي پرستيءَ کي رد ڪيو آهي ۽ سيڪيولر سنڌ جو درس ڏنو آهي. جنهن ڪري دشمن جون اهي سازشون ناڪام ٿينديون رهن ٿيون.

تازو سنڌ جي خراب حڪمراني ۽ حڪومتي لاپرواهي سبب سنڌ ۾ برساتون وسڻ ڪري جيڪا ٻوڏ آئي آهي جنهن سنڌ جا ڳوٺ، وستيون ۽ شهر تباهه ڪري ڇڏيا آهن. سوين جانيون ضايع ٿيون آهن. لکين گهر تباهه ۽ برباد ٿي ويا آهن. تازين آيل رپورٽن موجب سنڌ ۾ هڪ ڪروڙ ماڻهو متاثر ٿيا آهن ۽ پندرهن لک گهر ڍهي پٽ ٿي ويا آهن ۽ 50 عرب رپين جو نقصان ٿي چڪو آهي ۽ ايندڙ ڏينهن ۾ ان جو انگ وڌي رهيو آهي ۽ مختلف شهرن کي گهارا لڳي رهيا ۽ ڪٿي هٿ سان واهن، شاخن ۽ نالن کي ڪٽ ڏيئي ڳوٺن کي ٻوڙيو پيو وڃي. ڪجهه ڏينهن جي اخباري رپورٽن موجب سانگهڙ، مقصودو رند، ڏيٿي، ميرپور بٺورو، ميهڙ، جوهي، بدين، جهڏو ۽ ٻين شهرن ۾ گهارا لڳڻ سبب ڳوٺن جا ڳوٺ پاڻي هيٺ آهن ۽ ماڻهو پنهنجا اڇا ڇڏي شهرن ڏانهن لڏپلاڻ ڪري رهيا آهن. جيڪا تمام اذيتناڪ ۽ جيءَ جهوريندڙ صورتحال آهي. جنهن جو ذميوار سنڌ تي حڪمراني ڪندڙ اها پارٽي ٿي آهي جنهن جو نعرو اٽو لٽو ۽ اجهو آهي ۽ ان اٽو لٽو ۽ اجهو ڏيڻ بدران سدائين سنڌي عوام کان کسيو آهي ۽ انهن ڪرپشن ڪري پنهنجا محل ٺاهيا آهن ۽ بئنڪ بيلنس نه وڌايو آهي پر انهن سنڌ جا ڳوٺ ۽ انهن جا اسڪول تباهه ڪيا آهن جڏهن نه 2010ع ۾ به ٻوڏ آئي هئي. تڏهن به لکين سنڌي دربدر ٿيا هئا. جنهن جو اڄ ڏينهن تائين ازالو ناهي ٿي سگهيو. مٿان وري هيءَ مصيبت اچي ڪڙڪي آهي. جيئن ته موسمي تبديلين تي نظر رکندڙ سائنسدان ۽ ڄاڻو بار بار اسان کي خبردار ڪندا رهيا آهن ته موسمي تبديليءَ سبب دنيا ۾ برساتون تمام گهڻيون پونديون ۽ ٻوڏون بار بار اينديون رهنديون. تنهنڪري اسان کي مستقبل بنيادن تي پلاننگ ڪرڻ گهرجي ته جيئن ايندڙ مصيبتن کي منهن ڏيئي سگهجي پر ان حوالي سان نه رياست ڪا اڳڀرائي ڪئي ۽ نه ئي سنڌ تي سدائين حڪمراني ڪندڙ پارٽي ان تجربي مان ڪجهه سکيو ۽ ڪا به اڳواٽ تياري نه ڪئي وئي. جنهن جو نتيجو سنڌ جي تازي صورتحال آهي برساتن ۽ ان جي نتيجي ۾ آيل ٻوڏ تباهي مچائي ڇڏي آهي. سنڌ جا ڳوٺ ۽ ويڙها ويران ٿي ويا آهن جنهن تي شاعر اشفاق

آذر جي به دل اٿلي پئي ۽ چيائين:
اُتي ٿي ڪٿي ڳوٺ منهنجو هيو!
ٻري ٿائين سارڪ. وڏا وڻ هيا
پکي ها. پرين هن پلاڊڻ ها
اُتي ٿي ڪٿي شاخ هئي ۽ ڪٻر
سڄو ڳوٺ هو ۽ چانورو ۽ چير.
تندي لڏجا سنگتي. پراڻا ها
[illegible]

آهي ۽ ان درد جي ذميوار هي رياست ۽ سنڌ تي سدائين حڪومت ڪندڙ پارٽي آهي. جنهن سنڌ ڪارڊ استعمال ڪري حڪومتون نه ورتيون آهن پر سنڌ کي سنوارڻ لاءِ ڪو به ڪردار ادا نه ڪيو آهي بلڪ انهن سنڌ وسيلن تي سودا ڪيا آهن ۽ سنڌ ۾ هزار ٻوڏون آيون انهن جي آڙ ۾ ڪروڙين رپين جا گهوٽالا ڪيا آهن ۽ سنڌي عوام جي ڏکن تي ٽوليون ڪيون آهن. هڪ پاسي حڪومتي ڌر جو اهو رويو آهي ته ٻئي پاسي سدائين جيان سنڌ جي قومپرستن، ترقي پسند، سياسي ڪارڪن، شاگرد، اديب ۽ نوجوان طبقو سنڌي عوام جو پرچهلو ٿيو آهي [illegible]

[illegible]

هيلٿ ويلفيئر ڪاميٽي، ٽي بي اسپتال خيرپور ميرس

ايس پي پي آر اي رولز موجب سال 2022_23 واسطي زڪوات فنڊ تحت وڏ ۾ وڏ اسپتال ڪي رعايت ڏيڻ ڪانپوءِ ٽي بي اسپتال خيرپور ميرس جي مستحق مريضن جي هنگامي ترت روزاني بنياد تي گهرج جي پورائي ڪرڻ لاءِ ڊرگس ميڊيسن جي فراهمي واسطي ڪيمسٽس ڊرگس مينوفيڪچرز سول ڊسٽريبيوٽرز جيڪي اين ٽي اين ۽ سيل ٽيڪس رجسٽريشن رکندڙ هجن ڪان مهر بند آڇون گهرائجن ٿيون ڊرگس ميڊيسنز ميڊيڪل هنگامي بنيادن روزاني خريد تي. لوڪل پرچيز

نوٽ: صرف اهي ميڊيڪل اسٽورز ميڊيڪوز شرڪت ڪرڻ جا اهل آهن جيڪي هن اسپتال جي ويجهڙائي ۾ واقع هجن ۽ ڪارڪردگي لائسنس رکندڙ هجن ڪورا ٽينڊر فارم ڪل شرط ۽ ضابطا هيلٿ ويلفيئر ڪاميٽي ٽي بي اسپتال خيرپور جي زڪوات آفيس مان 2000 هزار ناقابل واپسي جي ادائگي عيوضي حاصل ڪري سگهن ٿا جيڪي 18_9_2022 تي منجهند 1:00 وڳي هيلٿ ويلفيئر ڪاميٽي ٽي بي جي مين آفيس ۾ ٽينڊر پريندڙ يان سندن مجاز نمائندن جيڪي حصو وٺڻ چاهين جي موجودگي ۾ کوليا ويندا ٽينڊر خريد ڪرڻ جي تاريخ 3_9_2022 کان 18_9_2022 صبح 12:00 وڳي تائين آهي ڪامياب واڪ ڏيندڙن کي 2.5 سيڪيورٽي سوڊي رقم پي آرڊر /ڊمانڊ ڊرافٽ جي صورت ۾ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ جمع ڪرائڻ گهرجن. آڇون هڪ هيلٿ ويلفيئر ڪاميٽي. ٽي بي اسپتال زڪوات جي آفيس ۾ 18_9_2022 تي صبح 10:00 وڳي تائين پهچڻ گهرجن.

ٽي بي اسپتال خيرپور ميرس (چيئرمين هيلٿ ويلفيئر ڪاميٽي)

هيلٿ ويلفيئر ڪاميٽي، ريڊ ڪريسنٽ اسپتال خيرپور ميرس

ايس پي پي آر اي رولز موجب سال 2022_23 واسطي زڪوات فنڊ تحت وڏ ۾ وڏ اسپتال ڪي رعايت ڏيڻ ڪانپوءِ ريڊ ڪريسنٽ اسپتال خيرپور ميرس جي مستحق مريضن جي هنگامي ترت روزاني بنياد تي گهرج جي پورائي ڪرڻ لاءِ ڊرگس ميڊيسن جي فراهمي واسطي ڪيمسٽس ڊرگس مينوفيڪچرز سول ڊسٽريبيوٽرز جيڪي اين ٽي اين ۽ سيل ٽيڪس رجسٽريشن رکندڙ هجن ڪان مهر بند آڇون گهرائجن ٿيون ڊرگس ميڊيسنز ميڊيڪل هنگامي بنيادن روزاني خريد تي. لوڪل پرچيز

نوٽ: صرف اهي ميڊيڪل اسٽورز ميڊيڪوز شرڪت ڪرڻ جا اهل آهن جيڪي هن اسپتال جي ويجهڙائي ۾ واقع هجن ۽ ڪارڪردگي لائسنس رکندڙ هجن ڪورا ٽينڊر فارم ڪل شرط ۽ ضابطا هيلٿ ويلفيئر ڪاميٽي ريڊ ڪريسنٽ اسپتال خيرپور جي زڪوات آفيس مان 2000 هزار ناقابل واپسي جي ادائگي عيوضي حاصل ڪري سگهن ٿا جيڪي 19_9_2022 تي منجهند 1:00 وڳي هيلٿ ويلفيئر ڪاميٽي ريڊ ڪريسنٽ جي مين آفيس ۾ ٽينڊر پريندڙ يان سندن مجاز نمائندن جيڪي حصو وٺڻ چاهين جي موجودگي ۾ کوليا ويندا ٽينڊر خريد ڪرڻ جي تاريخ 4_9_2022 کان 19_9_2022 صبح 12:00 وڳي تائين آهي ڪامياب واڪ ڏيندڙن کي 25 سيڪيورٽي سوڊي رقم پي آرڊر /ڊمانڊ ڊرافٽ جي صورت ۾ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ جمع ڪرائڻ گهرجن. آڇون هڪ هيلٿ ويلفيئر ڪاميٽي. ريڊ ڪريسنٽ اسپتال زڪوات جي آفيس ۾ 19_9_2022 تي صبح 10:00 وڳي تائين پهچڻ گهرجن

چيئرمين هيلٿ ويلفيئر ڪاميٽي (ريڊ ڪريسنٽ اسپتال خيرپور ميرس)

آڏو جج اينٽي ٽيررزم ڪورٽ-X، ڪراچي
جوڊيشل ڪامپليڪس ايٽ سينٽرل پرزن، ڪراچي

اسپيشل ڪيس نمبر 541_D of 2021
سرڪار....خلاف: محمد آصف....جوابدار
ايف آءِ آر نمبر 1226/2021
يو/ايس 34/324/353/397 پي پي سي
آر/ڊبليو سيڪشن 7 اي ٽي اي 1997
پي ايس گلشن اقبال، ڪراچي

فقري-87 ڪرائيم پي سي پڙهو ساڻ سيڪشن (IV) 19 آف اينٽي ٽيررزم ائڪٽ-1997 تحت ملزم شخص جي حاضري لاءِ اشتهار

جيئن ته منهنجي آڏو شڪايت ڪئي وئي آهي ته مفرور ملزم نالي (1) محمد آصف پٽ امير بخش ايٽ حسنين احمد رهائشي انگورا ڳوٺ نيو سبزي منڊي ڪراچي، ڏوهه ڪيو آهي، جيڪو مٿي ڄاڻايل فقرن تحت سزا جوڳو آهي ۽ مٿس جاري ڪيل گرفتاري جا وارنٽ واپس پهتا آهن ته مذڪوره ملزم هٿ اچي نٿو سگهي ۽ جيئن ته مون کي اهو اطمينان ڏياريو ويو آهي ته مذڪوره نالي وارو ملزم ڏکر ڪيل وارنٽ جي تعميل کان بچڻ لاءِ فرار ٿي ويو آهي. تنهن ڪري هن ذريعي مشتهر ٿو ڪجي ته لاڳاپيل نالي وارو ملزم هن اشتهار جي اخبارن ۾ شايع ٿيڻ جي ستن (07) ڏينهن اندر تاريخ 2022_09_03 تي هن عدالت آڏو صبح جو ساڍي 8 وڳي حاضر ٿي مذڪوره شڪايت جو جواب ڏي.

منهنجي صحيح ۽ هن ڪورٽ جي مهر سان تاريخ 15 آگسٽ 2022 تي ڏنو ويو.

جج،
اينٽي ٽيررزم ڪورٽ نمبر. X
ڪراچي

INF_KY NO.3496/2022

SAY NO TO CORRUPTION   WEAR MASK-SAVE LIFE

ماسڪ پايو.. زندگي بچايو.. ماسڪ پايو.. محفوظ رهو

بوڙ جي پاڻي کي پراڻي قدرتي گذرگاهه مارڳ واهه ذريعي نيڪال ڪرڻ جو فيصلو

هڪ سو ڪان وڌيڪ ڳوٺ، هيٺ آيل ڳوٺن مان پاڻي روهڙي ڪينال ۽ نيڪال ڪيو ويندو: ڊپٽي ڪمشنر محمد عدنان رشيد

پاڻي روهڙي ڪينال ۽ نيڪال ڪيو ويندو جنهن لاءِ رٿابندي تي باقاعدي عمل شروع ڪيو ويو آهي

بن سالن تائين پاڻي بيهجي ويندو ۽ معاشي بدحالي پيدا ٿيڻ جو خطرو آهي، ماڻهو لڏپلاڻ تي مجبور ٿي ويندا

مٽياري: ڊپٽي ڪمشنر مٽياري محمد عدنان رشيد، ڪرنل حسين، ايس ايس پي محمد ڪليم ۽ ٻيا پريس ڪانفرنس ڪندي

تجزيه نگار طاهر نعيم ملڪ جي يورپي پارليامينٽ جي ميمبر فابيو ماسيمو سان يورپي پارليامينٽ ۾ اهم ملاقات

ٿينڊز ملاقات ۽ يورپي پارليامينٽ جي ميمبر کي پاڪستان ۾ بوڏ جي صورتحال بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي

بوڏ جهڙي قدرتي آفت جي نتيجي ۾ هزارين ماڻهو اجل جو شڪار ٿيا: طاهر نعيم ملڪ/ علي رضا سيد

عالمي برادري ۽ جي سهڪار ڪانسواءِ پاڪستان حڪومت بوڏ متاثرن جي امداد فراهم نٿي ڪري سگهي

ٽنڊوالهيار جي تعلقي جهنڊومري ۾ 2 ٻارڙا پيٽ ۽ پاءِ برساتي پاڻي ۾ ٻڏي فوت

حيدرآباد سميت ڪنهن به شهر کي درياهي ٻوڏ جو خطرو ناهي: پريتم داس

ڪوٽڙي بيراج تي 6 لک ڪيوسڪ تائين پاڻي پهچڻ جو امڪان آهي، معاملي تي نظر آهي

شيعه علماءِ ڪائونسل پاڪستان جي مرڪزي اڳواڻ پاران سنڌ جو دورو

حجت الاسلام والمسلمين علامه ناظر عباس تقوي متاثرين ۾ امدادي سامان تقسيم

ڳوٺ ٻهرام مري پهتو جتي چنڊن شاخ کي لڳل ڳهاري سبب 100 کان وڌيڪ گهر ٻڏي ويا

نمائندا صرف دورا ڪرڻ ۽ پورا آهن هن وقت پورو پاڪستان ڏکويل ۽ بحران ۾ ورتل آهي: ڳالهيون

جيڪب آباد ۾ برسات متاثر ضلعي انتظاميا ۽ چونڊيل نمائندن کان مايوس

جماعت اصلاح المسلمين جي ٽيم ضلعي جي مختلف علائقن ۾ سامان ورهايو ويو

متاثرن ۾ ڪپڙا، مڇر مار دوائون، ٻارن لاءِ بسڪيٽ، پڪل کاڌو ورهايو ويو آهي: اڳواڻ

محمد ايوب طاهري خليفي عبدالغفار طاهري صدر امير بخش عبدالباقي جهانگير پهتا

جيڪب آباد: جماعت اصلاح المسلمين جي ٽيم ضلعي جي مختلف علائقن ۾ سامان ورهائيندي

نوان جتوئي، نوڙهان پراڻا جتوئي، ڳوٺ منل حيدر کي ٻوڙائڻ خلاف ڳوٺاڻن جو احتجاج

ڳوٺ منل حيدري چانڊيو سميت ٻين ڳوٺن کي پ پ جي ممتاز چانڊيو پاران ڪٽ هڻائڻ خلاف ريلي

ناروشاهه اسپتال ۾ سهولتون نه هجڻ جي ڪري گسٽرو ۽ گهي نينگري فوت

150 ڪان مٿي نوجوان توڙي ٻارڙا خانگي اسپتالن ۾ داخل ايم ايس خلاف مظاهرو

برسات شهيد بينظير ڀٽو يونيورسٽي کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيو

90 سيڪڙو پاڻي هيٺ آيل يونيورسٽي کي رات ڏينهن هڪ ڪري بچايو ويو: وي سي

نواب شاهه: شهيد بينظير ڀٽو يونيورسٽي ۾ بيٺل پاڻي جو نظارو

جنگشاهي ريلوي اسٽيشن لڳ ريلوي جي وڏي پل متان ٻڪرين اچڻ تي هنگامي بريڪ

شاه لطيف ايڪسپريس جي اڳيان اچي ٻڪري ٽڪري ۽ ڊرائيور حاضر دماغ سان ايمرجنسي بريڪ لڳائي

هر ماڻهو کي 25 هزار روپيا ڏرن نائين پهچائي رهيا آهيون: ڊي سي

عوام جي ٿيل نقصان جي ازالي لاءِ ڏينهن رات ڪوشش ڪري رهيا آهيون

متاثرن جي جلد کان جلد بحالي کي يقيني بڻايو ويندو: ميڊيا سان ڳالهيون

ڪنبجهر ڊنڊ لڳ علي بحر اسٽاپ جي رهواسي پورهيت جو گهر ڊهي پيو

شفيع محمد سومرو جو ڪاڻون گهر تازو پيل برسات ڪانپوءِ دهي پٽ پئجي ويو

لاڙڪاڻي جي وچ شهر جناح باغ چوڪ وٽ قاضي پيٽرول پمپ تان ڦر

پيٽرول پمپ جي ملازم طفيل احمد چانڊيو کان 29 هزار ڦر ڪري فرار ٿي ويا

لاڙڪاڻي شهر جي گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول ۾ ويٺل متاثرن جو احتجاجي مظاهرو

لاڙڪاڻو: شهر جي گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول ۾ ويٺل متاثر نيسگر احتجاج ڪندي

لاڙڪاڻي ۽ ٿڙي ڊيرو جي ڳوٺ سانول راسي متاثرين پريس جو احتجاجي مظاهرو

لاڙڪاڻي شهر جي پينس ڪالوني جي رهواسي پورهيت پاران احتجاج

لاڙڪاڻو: شهر جي پينس ڪالوني جي رهواسي پورهيت احتجاج ڪندي

مورو راشد موراڻي گورنمينٽ هاءِ اسڪول ۾ متاثرين لاءِ ڪئمپ لڳائي وئي

ٻاڊه پرسان ڳوٺ محمد قاسم ٻنڊڙ ۾ تيز برسات تباهي مچائي ڇڏي

ٻاڊه: پرسان ڳوٺ محمد قاسم ٻنڊڙ ۾ برسات سبب گهر ڊهي پٽ پئجي ويا

ٽنڊوالهيار ۾ تعلقي جهنڊومري جي سول اسپتال جي ڊاڪٽرن خلاف احتجاج

ناٽا فائونڊيشن جي پاران برسات ۽ ٻوڏ متاثرين ۾ راشن ۽ پڪل کاڌو ورهايو ويو

وس وارا غريب مسڪين ماڻهن جي مدد لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪن: سماجي اڳواڻ

مسلم ون مسلم تو مين پرائمري اسڪول، گرلس هاءِ اسڪول بندر محلا اسڪول وٽ ڪئمپ

دنگائي سميت ڪيترن ئي متاثرين ۾ راشن ٻارڙن لاءِ غذا صاف پاڻي ۽ دائون ورهايو پيو وڃي

سيوهڻ: ناٽا فائونڊيشن جي پاران برسات ۽ ٻوڏ متاثرين ۾ راشن ۽ پڪل کاڌو ورهايو پيو وڃي

بين الاقوامي ساک رکندڙ اسڪالرشپ چيوننگ ۾ اطلاعات کاتي جو آفيسر سعيد ميمڻ ڪامياب

ڊپٽي ڊائريڪٽر اطلاعات برطانوي حڪومت جي چيوننگ اسڪالرشپ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي آهي

بين الاقوامي سطح تي اڀرندڙ ليڊرشپ کي هٿي ڏيڻ لاءِ هر سال اسڪالرشپ جو مقابلو ڪرايو ويندو آهي

مختلف ملڪن مان 58 هزار کان وڌيڪ اميدوارن حصو ورتو جن مان فقط 1600 ڪامياب ٿيا آهن

جيڪب آباد ۾ برسات متاثر ضلعي انتظاميا ۽ چونڊيل نمائندن کان مايوس



ٺٽو: بين الاقوامي ساک رکندڙ اسڪالرشپ چيوننگ ۾ ڪامياب ٿيل سعيد ميمڻ جو فائل فوٽو

سيپڪو جي ظلمن خلاف باده شهر ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽي ۽ ٻين جو احتجاج

بيد سڄاڳ سجاڳ ۽ جسقم پاران ڪامريڊ قادر بروهي پاران ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو

باده شهر جي سياسي ۽ سماجي پارٽين جي اڳواڻن آغا نور محمد بلادي پاران شديد نعريبازي

ڪنڊيارو تعلقي جي ڪچي جي علائقي جا ڪيترائي ڳوٺ پاڻي هيٺ اچي ويا

زميندارن بند ٽٽڻ سبب تعلقي ڪنڊيارو جي ڪچي جو وڏو علائقو پاڻي هيٺ اچي ويو

برسات متاثرين جي مدد لاءِ بحريا ٽائون جي اڳواڻن پاران 100 خيما پڻ ڏنا ويا

جنيد چانڊيو ۾ برسات متاثرين جي مدد لاءِ بحريا ٽائون جي راشن سان ڀريل ٽرڪ پهتي

جنگشاهي ريلوي اسٽيشن لڳ ريلوي جي وڏي پل متان ٻڪرين اچڻ تي هنگامي بريڪ

نوابشاهه: برسات متاثرين جي مدد ڪرڻ لاءِ بحريا ٽائون جي اڳواڻ پاران راشن تقسيم ڪيو پيو وڃي

سڪرنڊ ۾ سوين ڳوٺاڻن پاران ٻيهر علائقي جي چونڊيل نمائندن خلاف احتجاج

ٻيهر علائقي جي چونڊيل نمائندن ۽ آبپاشي عملدارن جي نااهلي خلاف مظاهرو ڪيو

ڪنڊيارو شهر سميت تعلقي جي برسات ۽ ٻوڏ متاثرين جي مدد نه ٿيڻ خلاف احتجاج

برسات ۽ ٻوڏ متاثرين جي مدد نه ٿيڻ خلاف جسقم ۽ ايس ٽي پي پاران احتجاج ڪيو ويو

شڪارپور شهر مان نه پاڻي ڪڍيو ويو ۽ متاثرين جي سار نه لڌي وئي: ساجاهه وند

شڪارپور: گلستان ڪالوني جا رهواسي احتجاج ڪري رهيا آهن